22

# تيل، بيماري ۽ انساني حق
# Oil, Illness and Human Rights


| هن باب ۾: | صفحو |
| --- | --- |
| تيل ۽ برادرين جي صحت | 500 |
| تيل سبب متاثر ٿيندڙ برادريون صحت جو اپياس ڪرائين ٿيون | 500 |
| تيل سبب صحت جا گنڀير مسئلا پيدا ٿين ٿا | 506 |
| تيل جي پيداوار جو هر حصو هاڃيڪار ٿئي ٿو | 508 |
| گئس جا پڙڪا | 511 |
| قصو: پڙڪا بند ٿي ڪرائي سگهجن ٿا ! | 512 |
| تيل صاف ڪرڻ جا ڪارخانا | 513 |
| تيل جو وهي پوڻ | 514 |
| سرگرمي: ڇا تيل ۽ پاڻي پاڻ ۾ ملي سگهي ٿو؟ | 514 |
| تيل جي هارويڙ صاف ڪرڻ | 516 |
| قصو: تيل جي هارويڙ صاف ڪرڻ ۾ پورهيت بيمار ٿي پون ٿا | 516 |
| هنگامي حالتن ۾ بچاءَ جو رٿون رٿڻ | 518 |
| تيل سبب تباهه ٿيل زمين بحال ڪرڻ | 519 |
| قصو: تيل جي هار ويڙ صاف ڪرڻ جو هڪ نئون طريقو | 520 |
| ماحولياتي انصاف | 521 |
| قصو: عورتن جو تيل جي ڳولها خلاف احتجاج | 521 |
| تيل ۽ قانون | 521 |
| قصو: ٽيڪساڪو خلاف ڪيس | 522 |

# تيل، بيماري ۽ انساني حق



پيٽرول (oil): جهڙوڪ تا استعمال ڪريون زندگيءَ ۾ روزاني اسان جيڪي آهي وکر هڪ جو شين ڪيترين اهڙين ،(
گئسولين، پروپين، گاسليٽ، ائسفالٽ، مختلف قسمن جي پلاسٽڪ، رنگ، پيسٽيسائيڊون، ٻاريندڙ مادا ۽ هارسينگار
جون شيون. نہ رڳو ايترو پر ڪن قسمن جو ڪپڙو ۽ دوائون بہ تيل مان ناهيون وڃن ٿيون. جڏهن تہ، تيل هڪ زهريلو
مادو آهي ۽ ان جا اسانجيءَ صحت ۽ ماحول تي هاجيڪار اثر ٿين ٿا جيڪي ان جي ڳولها ڪرڻ جي طور طريقن،
هڪ جاءِ کان ٻيءَ جاءِ تائين نيڻ، صاف ڪرڻ سميت ان جي ڪتب آڻڻ جي طريقن سان شروع ٿين ٿا.

تيل سان مالا مال هنڌن ۽ علائقن جا ماڻهو خوش ٿين ٿا تہ، تيل ليڻ سان کين دولت حاصل ٿيندي. جڏهن تہ اهڙين
گهڻين حالتن ۾ دولت رڳو تيل ڪمپنين کي ئي حاصل ٿئي ٿي ۽ اهڙين وسنديـن جا ماڻهـو غـربت، غلاظت،
بيمارين ۽ ڏاڍين جو شڪار ٿيندا رهن ٿا جيڪي هر ان جاءِ تي پيدا ٿين ٿيون جتي تيل ليي ٿو. پر جيئن تہ، دنيا
جي اقتصاديات /معاشيات جو مدار تيل تي ٿئي ٿو تنهڪري تيل جي صنعت ايتري طاقتور ٿـئي ٿي جو
حڪومتن ۽ بين الاقوامي رٿائن کي بہ اثرانداز ڪري ڇڏي ٿي. جنهڪري عام طور تي تيل سان مالامال وسنديءَ
جا غريب ماڻهو سدائين پنهنجو ۽ پنهجيءَ زمين جي بچاءِ لاءِ هٿ پير هڻندا رهن ٿا تہ خوشحال يا ترقي ڪندڙ
وسنديءَ جا ماڻهو هوا جي غلاظت روڪڻ جي ڪوشش ۾ رهن ٿا.

تيل، ڪوئلي ۽ قدرتي گئس کي **"قدرتي ٻارڻ"** (fossil fuel) سڏجي ٿو جيڪو لکين ڪروڙين سال اڳ مري
ويل وڻن ٻوٽن ۽ جانورن جي باقيات مان ٺهيو آهي ۽ اهو محدود مقدار ۾ موجود آهن. گذريل 100 سالن دوران تيل،
دنيا جي هڪ وڏي حصي لاءِ توانائي حاصل ڪرڻ جو هڪ مکيہ ذريعو رهندو آيو آهي. جڏهن تہ هن وقت تائين،
دنيا ۾ تيل جي ذخيرن جو تمام گهڻو استعمال ڪيو ويو آهي. ايتري گهڻي تيل ۽ ٻين قدرتي ٻارڻن جي گهڻي
استعمال سبب عالمي تپش (ڏسو ص. 33) جهڙو هڪ وڏو ماحولياتي مسئلو پيدا ٿيو آهي جنهن سان اڄ سڄي دنيا
منهن ڏئي رهي آهي. جنهن سبب هاڻ دنيا جا وڏ ۾ وڏ ماڻهو تيل جي معاشيات بجاءِ توانائي جي صاف سٿرن ۽
پائدار قسمن جي تياريءَ لاءِ واڪا ڪري رهيا آهن (ڏسو باب 23).

# تيل ۽ برادرين جي صحت

جن جن هنڌن ۽ علائقن مان تيل لڀي ٿو اتي جي معشيت تہ تيزيءَ سان ترقي ڪري ٿي پر اصل ۾ اها بدحالي جي معشيت ٿئي ٿي. ڇو تہ، زمينون استعمال ڪري اتي ناقص ڪئمپون قائم ڪيون وڃن ٿيون جن سان گڏ ڪيترائي سماجي مسئلا ۽ برايون جهڙوڪ: زوريءَ لڏپلاڻ ڪرائڻ، نشي پتي، جنسي وچڙندڙ بيماريون ۽ ايچ آءِ وي پيدا ٿين ٿيون (وڌيڪ ڏسو ص. 474). تيل ڪمپنيون ۽ حڪومتون باقاعدگي سان، تباه ڪيل وسنديـن مان پنهجا پلو آجا ڪنديون رهن ٿيون ۽ عام طور تي اهڙين وسندين کي پنهنجي حال تي ڇڏي ڏين ٿيون تہ اهي پنهنجي ليکي تيل سبب ٿيندڙ نقصان ۽ نقصانن جي نوعن جو اندازو لڳائين ۽ پنهنجي برادريءَ جي صحت بحال ڪرڻ جا رستا ڳولهين.

### قدرتي گئس بہ صحت جا مسئلا پيدا ڪري ٿي




قدرتي گئس ٻارڻ سان اها، تيل جي پيٽ ۾ گهٽ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ گئس (عالمي تپش جو هڪ ڪارڻ) ۽ ٻيون غلاظتون پيدا ڪري ٿي. جڏهن تہ، قدرتي گئس جي ڳولها لاءِ ٿيندڙ کوٽائي بہ ساڳي قسم جي ٿئي ٿي جيڪا تيل لاءِ ڪئي وڃي ٿي. ان سبب ساڳي قسم جا سماجي مسئلا پيدا ٿين ٿا. ائين لڳ ڀڳ تيل جون اهي سڀ ڳالهيون جن جو هن باب ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي اهي ساڳيون قدرتي گئس جي حالت ۾ پيدا ٿين ٿيون.

## تيل سبب متاثر ٿيندڙ برادريون صحت جو اڀياس ڪرائين ٿيون

سال 1992 ۾ صحت سڌارڪن جي هڪ ٽوليءَ، اڪوڊور (Ecuador) جي اميزان ٻيلن ۾ ان ڳالھ جو اڀياس ڪيو تہ تيل جي کوٽائي جو مقامي برادرين تي ڪهڙو اثر ٿئي ٿو. ڪين اها سڌ هئي تہ ڪيئن نہ تيل ڪمپنيون سندن زمينون تباھ ڪن ٿيون پر ڪين اها ڄاڻ نہ هئي تہ تيل جو ماڻهن جي صحت تي ڪهڙو اثر پوي ٿو. ان سلسلي ۾ صحت سڌارڪن پنهجن ڀوتن ۽ واهڻن مان معلومات گڏ ڪرڻ شروع ڪئي.

اهڙي اڀياس ڪرڻ ۾ ڪين وقت لڳو ۽ گهڻي محنت ڪرڻي پئي. هنن جڏهن اهڙي ڪم جي شروعات ڪئي تہ، ڪين اها خبر نہ هئي تہ هو ان اڀياس مان ڇا سکي ۽ سمجهي سگهندا. هن سڄي باب ۾ هو پنهنجي زباني اهڙيون ڳالهيون ٻڌائين ٿا.

ڪيترن هزارن سالن کان هي علائقو هتان جي اصلوڪن رهواسين جو گهر رهندو آيو آهي. اسانجي اميزان ٻيلن جي هن حصي ۾ ڪيترن مختلف قبيلن جا ماڻهو رهن ٿا جن مان هر قبيلي جي پنهنجي تهذيب، پنهنجي ٻولي، پنهنجو هنر آهي ۽ هو سدائين حقيقت پسند رهندا آيا آهن. جديد دور کان بہ اڳ، سڀ قبيلا فطرت سان مٺ محبت ۾ رهڻ کي پنهنجو ايمان سمجهندا آيا آهن جيڪا ڳالھ هاڻي باقي نہ رهي آهي. جيڪڏهن اسان اهو ڄاڻڻ چاهيون ٿا تہ ان سبب هاڻ اسان سان ڇا وهي واپري رهيو آهي تہ ان لاءِ اسانکي پنهنجيءَ تاريخ ۾ جهاتي پائڻي پوندي.



اها اسانجي ابن ڏاڏن ۽ فطرت وچ ۾ مٺ محبت جي تند ۽ توازن ٽٽڻ جي شروعات هئي. پهريائين اسپيني ماڻهن اسانجي زمين کي سون ۽ چاندي لاءِ ڦولهيو. جنهن لاءِ اسانجن وڏن کي زوريءَ غلامن طور زمين مان سون ۽ چاندي جي کوٽائي ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو ويو. ان ڪانپوءِ انگريز آيو جنهن جي سون بجاءِ ربڙ ۾ دلچسپي هئي. ان لاءِ هنن به اسانکي غلامن وانگر وهائي اسانجي زمين مان ربڙ حاصل ڪيو. انهن ڪانپوءِ تيل ڪمپنيون آيون ته انهن به ساڳي ڪار ڪئي.

اسانکي خبر آهي ته تيل ڪمپنيون اسانجي صحت تباهه ڪري رهيون آهن. جنهن لاءِ اسانجي صحت سڌارڪن، ان اپياس ڪري ڏسڻ جو فيصلو ڪيو ته غلاظت ڪيئن نه اسانجي صحت متاثر ڪري رهي آهي. اسان سڀ گڏجي پنهنجيءَ بهتر معاشي، سياسي ۽ ثقافتي حالتن لاءِ ڪم ڪرڻ چاهيون ٿا.




اپياس مان صحت سڌارڪن کي خبر پيئي ته تيل جي غلاظت وارين وسندين جا ماڻهو وڌيڪ بيمارين ۾ ورتل آهن بنسبت انهن وسندين جي جتي غلاظت موجود ناهي. اهڙين وسندين جي عورتن کي گهڻيون چڪيون اچن ٿيون، ٻار ڪاڏي جي اوڻائپ جو وڌيڪ شڪار ٿين ٿا ۽ عام طور تي ننڍي عمر ۾ ئي فوت ٿي وڃن ٿا. ڪيترن ماڻهن کي چمڙيءَ جون اهڙيون بيماريون ٿين ٿيون جيڪي ڇڏڻ جو نالو ئي نه ٿيون وٺن. (تيل سبب پيدا ٿيندڙ صحت جي مسئلن لاءِ وڌيڪ ڏسو ص. 506 ۽ 507).

اهي ته رڳو ڪجهه اهڙيون ڳالهيون آهن جن جي ڪين خبر پئي آهي. پنهنجي اپياس پوري ڪرڻ ڪانپوءِ هنن هڪ ڪتاب، "ڪلچرس باٿيڊ ان آئل" (Cultures Bathed in Oil) شايع ڪيو ته جيئن ٻيا ماڻهو به سندن ڪيل ڪم مان سکي سگهن.

اسانجي ٽيم ۾ ڪل ڇهه ماڻهو هئا: 3 صحت سڌارڪ (انهن مان 2 برادرين ۾ ۽ 1 طبي لئباٽري ۾ ڪم ڪندڙ) ۽ ٽي هيلٿ ٽيڪنيشن (هڪ ڊاڪٽر، هڪ بايوڪيمسٽ ۽ هڪ ميڊيڪل ٽيڪنيشن).



**اسان هيٺيان قدم کڻي پنهنجو اڀياس ڪيو. توهان بہ ساڳي طرح سان ڪم ڪري سگهو ٿا:**

### 1. اسان معلومات گڏ ڪئي



اسان پنهنجي علائقي مان معلومات گڏ ڪئي تہ تيل ڳولهڻ لاءِ ڪهڙو طريقو استعمال ڪيو ويجي ٿو ڪهڙا ڪيميائي مادا ڪتب آندا وڃن ٿا ۽ انهن جا صحت تي ڪهڙا اثر پون ٿا. اسانکي خبر پئي تہ اهي ڪيميائي مادا چڪيءَ اچڻ، چائي ڄمر جا نقص پيدا ڪرڻ، ڪينسر ۽ ٻين ڪيترين بيمارين جي پيدا ڪرڻ جا ڪارڻ آهن. اسانکي اها بہ ڄاڻ پئي تہ ماڻهن ڪي اهي بيماريون ڪيميائي مادن سبب غليظ تيل پاڻي جي پيئڻ سان ٿين ٿيون.

### 2. اسان اڀياس لاءِ جن وسندين جي چونڊ ڪئي

اسان اڀياس لاءِ 7 اهڙين وسندين جي چونڊ ڪئي جن جو پاڻي تيل صاف ڪرڻ ۽ ڪيڻ سبب غليظ ٿي ٿيو. اهڙن غلاظت وارن هنڌن جي چونڊ ڪرڻ سولي هئي. ڇو تہ اسانجي علائقي ۾ جهڙوڪر هر وسندي، تيل جي کوهن، گندن ڍبن يا پمپنگ اسٽيشنن سبب گندي ٿي ويئي هئي. ان ڪانسواءِ اسان 3 اهڙن وسندين جي بہ چونڊ ڪئي جتي تيل جي کوٽائي جو ڪم تہ نہ ٿي ٿيو باقي هر لحاظ کان پهرئين 7 وسندين جهڙيون هيون.

### 3. اسان اهڙين وسندين جي ماڻهن جي ميڊيڪل هسٽري ورتي

ان لاءِ اسان گذريل ڇئن سالن جي معلومات گڏ ڪئي تہ جيئن اهو ڏسي سگهجي تہ هر سال ڪانپوءِ ڪهڙيون بيماريون وڌ ۾ وڌ عام ٿيون آهن. اسانکي خبر پئي تہ گهٽي ۾ گهڻا ماڻهو حادثن ۽ بيمارين جو شڪار ٿيا. جيسيتائين اسان سڄي معلومات گڏ نہ ڪئي تيسيتائين اسانکي خبر پئجي نہ سگهي تہ اسان مان گهڻا بيمار ٿي پيا هيا!





### 4. مدد حاصل ڪرڻ لاءِ اسان سائنسدانن سان لهہ وچڙ ۾ آياسين پر .... هنن ڪا بہ مدد نہ ڪئي

اسان هڪ مقامي صحت مرڪز وجي ڪين اجڪلهہ جي ٽينڊز تحقيق جي طريقن بابت سکيا وٺڻ لاءِ چيو. ان لاءِ هنن شروعات ۾ تہ دلچسپي ڏيکاري پر آخر ۾ هنن کنهن بہ قسم جي مدد ڪرڻ کان نابري واري، مجبور ٿي اسان هڪ ويجهي ميڊيڪل اسڪول کي مدد ڪرڻ لاءِ چيو تہ هنن بہ، اسانجي مدد ڪرڻ کان انڪار ڪيو. ميڊيڪل اسڪول جي شاگردن اسانکي صلاح ڏني تہ اسان پنهنجي پيئڻ جي پاڻي جي ڪيميائي مادن جي چڪاس ڪريون. پر جئين تہ اهو هڪ مهانگو ڪم هيو تنهنڪري هنن صلاح ڏني تہ انلاءِ هو ٻين ملڪن مان پئسو گڏ ڪن.



### 5. اسان پنھنجي علائقي جي سيني برادرين جي گڏجاڻي ڪوٺائي

اسان برادرين کي ٻڌايو تہ اسان اھو اڀياس چوڻا ڪرائڻ چاھيون ۽ ڪانئن پڇيو ويو تہ ڇا ھو ان سلسلي ۾ اسانجي مدد ڪرڻ لاءِ تيار آھن. گڏجاڻي جي آخر ۾ سيني مدد ڪرڻ جو يقين ڏياريو. اسان ھڪ ڪميٽي ٺاھي ان ۾ صحت سڌارڪ، مختلف برادرين جا فرد ۽ اھڙا سياڻا ماڻھو ڪنيا جنکي ڪيميائي مادن جي ماحول کي متاثر ڪرڻ جي اثرن جي خبر ھئي تہ جيئن اھي اھڙو اڀياس ڪري حاصل ٿيندڙ نتيجن جي ڇنڊڇاڻ ڪري سگھن.




### 6. اسان ڪم شروع ڪرڻ جي ھڪ رٿا ٺاھي

اسان 5 مھينن ۾ اھڙي اڀياس پوري ڪرڻ جي رٿا ٺاھي. جنھن لاءِ اسان ھر 15 ڏينھن کنھن مختلف وسنديءَ ۾ وڃي اتي 3 يا 4 ڏينھن ترسندا ۽ سڄيءَ وسنديءَ جو جائز وٺي برادرين جي رت، پيشاب ۽ ڪاڪوس/ڪرفتي تپاسڻ لاءِ انھن جا نمونا گڏ ڪندا ھياسين. اسانکي شھر جي ليبارٽريءَ مان جڏھن تپاس جي رپورٽ ملندي ھئي تہ واپس برادريءَ وٽ وڃي اھا کين ٻڌائيندا ھياسين. ائين ڪرڻ اسان لاءِ تمام ضروري ھيو. ان کانسواءِ اسان گڏجي فيصلي ڪرڻ لاءِ ھر 2 مھيني ھڪ ميٽنگ ڪوٺائيندا رھياسين جنھن ۾ ڪوآرڊينيٽنگ ڪميٽيءَ ۽ برادرين جا نمائندا ان ڳالھ تي سوچ ويچار ڪندا ھيا تہ اڀياس ڪيئن ھلي رھيو آھي.

**7. پنهنجي ڪم ۾ ليبارٽري ٽيپاسڻ تي ايندڙ خرچ لاءِ هٿ پير هنيوسين**

پئسن گڏ ڪرڻ لاءِ هڪ ڪميٽي ٺاهي سين. ائين ڪيترين ڪوشش ڪانپوءِ اسانکي ايپياس جي خرچ لاءِ اسپين جي ڊاڪٽرن جي هڪ تنظيم پئسا ڏنا.

**8. اسان وسندين جا نقشا ٺاهيا**

هر وسنديءَ جي ماڻهن نقشا ٺاهي ان ۾ تيل جي کوهن، گندي پاڻي، ڳوٺن ۽ فارمن جي هنڌن جي نشاندهي ڪئي. ساڳي وقت هر وسنديءَ ۾ رهندڙن سيني ماڻهن جي هڪ لسٽ بہ ٺاهي. اهڙي لسٽ ۾ هر فرد جو نالو، عمر ۽ سندس صنف (مرد يا عورت) جو ذڪر ڪيو.

**9. اسان وسنديون ڏسڻ ۽ انهن جو ايپياس ڪرڻ شروع ڪيو**



اسان رت، پيشاب ۽ ڪرفتي جا گڏ ڪيل نمونا شهر موڪلڻ بجاءِ ڳوٺ جي هڪ اسڪول ۾ پنهنجي ليباٽري قائم ڪري چڪاسڻ شروع ڪيا (اهڙين ٽپاسن ڪرڻ لاءِ ڪن اوزارن ۽ شين جي ضرورت ٿئي ٿي جن جو اسان هتي ذڪر نٿا ڪريون). اسان صبح جو هر گهر وڃي اهڙا نمونا گڏ ڪندا هياسين. ان ڪانپوءِ اسانجي هڪ ٻي ٽولي، هر گهر وڃي معلومات گڏ ڪندي هئي تہ صحت سڌارڪ هر ماڻهو جي طبي چڪاس ڪندا هيا.

**10. سچي معلومات گڏ ڪرڻ ڪانپوءِ اسان اها سٽاءَ / ترتيب سان ٺاهي**

ان ڪانپوءِ اسان غلاظتي ۽ صاف هنڌن جي وسندين جي معلومات جي پاڻ ۾ ڀيٽ ڪئي. انلاءِ اسان ڪيترين ڳالهين جي ڀيٽ ڪئي جهڙوڪ: معاشي ۽ سياسي حالتون، مقامي ثقافت ۽ سڀ کان اهم هئي رهواسين جي صحت.

**11. ان جو آخري قدم هيو اها سچي لکي ان تي گڏ ڪيل بحث ڪرڻ**

ان سان سيني برادرين کي ان فيصلي ڪرڻ ۾ مدد ملي تہ اسان پنهنجن سڌارن لاءِ ڪهڙي طرح سان قدم کڻي / عمل ڪري سگهون ٿا.



## صحت جو اڀياس برادريءَ جي عمل ۾ مٽجي ويو



صحت سڌارڪن ۽ برادريءَ جي ٻين ماڻهن محسوس ڪيو ته انهن جو اڀياس صحت ۽ انصاف جي حاصل ڪرڻ جي ڪاوشن جي شروعات آهي

صحت سڌارڪن جي اڀياسن مان ماڻهن کي سڌ پئي ته سندن صحت جا ڪيترا مسئلا، تيل جي غلاظت سبب پيدا ٿيا آهن. تيل جا ڪيترائي زهريلا ڪيميائي وڪر پاڻيءَ، مٽي، ماڻهن جي رت، پيشاب ۽ ڪرڦتي ۾ موجود هيا. اهڙين ڳالهين جي ڄاڻ پوڻ ڪانپوءِ ڪين انهن جي اپائن ڳولهڻ ۾ مدد ملي. ڪين خبر هئي ته، جيسيتائين غلاظت ٿيندي رهندي تيسيتائين صاف پاڻي، صحت بخش کاڌو يا صاف هوا نصيب ٿي نه سگهندي.

ماڻهن گڏجي هڪ اهڙي ڪميٽي ٺاهي جنهن کي 'متاثر ماڻهن جي ڪميٽيءَ' (Committee of Affected people) جي نالي سڏيو ٿي ويو ان حڪومت کي مدد ڪرڻ لاءِ دعويٰ داخل ڪئي. ساڳي وقت صحت سڌارڪن جي تنظيم به، ماڻهن جي صحت لاءِ سهائتا ڪرڻ شروع ڪئي ۽ ٻڌايو ته، ڪيئن نه تيل سبب ماڻهن ۾ صحت جا مسئلا پيدا ٿيا آهن. اهڙي هڪ ٻي تنظيم، 'امئزان جي بچاءَ جو محاذ' (The Front for the Defense of the Amazon) () ٺاهيو جنهن تيل ڪمپنيءَ تي ٿيل نقصان لاءِ هرجاڻي ڀري ڏيڻ جو ڪيس داخل ڪيو (ان ڪيس بابت وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ ڏسو ص. 522). برساتي ٻيلن جا وڏا حصا تباهه ڪيا ويا هيا ۽ ٿيل نقصان جي بحاليءَ بجاءِ موجود ماحولياتي قانونن جي لتاڙ ڪئي ويئي هئي. ڌارئي ملڪ جي تيل ڪمپنيءَ پنهنجا فائدا ۽ مالي نفعا حاصل ڪري ملڪ ڇڏي چڪي هئي.

برادرين جي ڪيل اڀياس ۽ ڪيس مان ٻين تنظيمن ۾ ايترو اتساهه پيدا ٿيو جو اهي به برساتي ٻيلي ۽ اتي جي رهواسين جي بچاءِ لاءِ ڪوششن ۾ سرگرم ٿي ويون. ايڪوڊور، انگلنڊ ۽ اميريڪا جي يونيورسٽين ۽ ميڊيڪل اسڪولن وڌيڪ اڀياس ڪري، تيل ڪمپنيءَ خلاف ڪيس کي وڌيڪ سگهارو ڪيو ۽ ثبوت پيش ڪيا ته تيل سبب صحت جا ڀيانڪ مسئلا پيدا ٿيا آهن. ان قسم جي اڀياسن مان هن ڪتاب جي ليکڪن کي به تيل جي صحت تي پوندڙن اثرن بابت ڪيتري ڄاڻ ملي.

جڏهن ته ان سلسلي ۾ صحت سڌارڪن هڪ بنيادي ۽ اهم ڪم ڪيو. پاڻ، اهو سمجهندي ته تيل جو صحت تي پوندڙ اثرن جو اڀياس ڪيئن ڪجهه هنن هڪ عالمي اهميت واري مسئلي تي مقامي سطح تي ڪم ڪري دنيا کي ڏيکاريو ته ڪيئن نه بين الاقوامي تيل ڪمپنيون، برساتي ٻيلا تباهه ڪري سندن پاڙيسرين جي صحت تباهه ڪرڻ لاءِ سندرو ٻڌي بيٺيون آهن. ايئن هنن مقامي مسئلن کي بين الاقوامي سطح تي آندو. صحت سڌارڪ هن ڪتاب لکجڻ دوران اسان لاءِ اتساهڪ رهندا آيا.

# تيل سبب صحت جا گنڀير مسئلا پيدا ٿين ٿا

ٻين ڪيترن زهريلن ڪيميائي وکرن جيان، تيل سبب پيدا ٿيندڙ صحت جا مسئلا ثابت ڪري سگهڻ ڏکيا ٿين ٿا. ڇاڪاڻ ته، انهن کي ماڻهن کي متاثر ڪرڻ ۾ هڪ ڊگهو عرصو لڳي وڃي ٿو. پر اهي ماڻهو جيڪي تيل کوٽجندڙ هنڌن ۾ تيل صاف ڪندڙ ڪارخانن ڀرسان رهن ۾ ڪم ڪن ٿا سي تيل سبب هوا ۾ پاڻيءَ جي غلاظت کان پليءَ ريت واقف ٿين ٿا. تيل ڪڍڻ، صاف ڪرڻ ۽ ٻارڻ طور استعمال ڪرڻ سان صحت جا هيٺين جهڙا اڪيچار مسئلا پيدا ٿين ٿا جن جو ڪجهه تفصيل سان ايندڙ صفحن ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي.

- **اکڻ ڇتي ديد** ۽ اکين جا ٻيا مسئلا
- **مٿي جو سور**، وهم، سوداءَ (خوشيءَ جا اوچتا پور)، ساٽائي، هٻڪ، دماغ کي ڇيهو ۽ سڪتو
- **ڳڀڙيون** ۽ غيررواجي موت
- **نڪ جو سرڪو** ۽ نڪ هير
- **ڪن جا روڳ** يا انفيڪشن
- **دم، برنڪائيٽس، نمونيا** ۽ ساهه جون بيماريون
- **ڦڦڙ ۽ نڙيءَ** جا انفيڪشن ۽ ڪينسر
- **سلهه ٿيڻ جو خطرو** وڌي وڃڻ
- **دل جا دورا**
- **هاضمي جا مسئلا**، جنهن ۾ الٽي، السر ۽ معدي جي ڪينسر به اچي ٿي
- **جيري کي نقصان**، بڪين ۽ هڏي جي مِکُ جي تباهي
- **ماهواريءَ جا مسئلا**، ڇڪي اچڻ، مئل ٻار ڄمڻ ۽ ڄائي ڄم جا نقص
- **چمڙي** تي ڳاڙها نشان، فنگسي بيماري ۽ ڪينسر



**ڪن هنڌن تي ماڻهو ڪيترين دوائن جيان نشي حاصل ڪرڻ لاءِ پيٽرول جا بخار سنگهن ٿا جيڪا هڪ انتهائي خطرناڪ ڳالهه آهي. ڪيترن ماڻهن لاءِ پيٽرول مان هڪ دفعو به اونهو ساهه ڪڍڻ اوچتي موت جو سبب بڻجي سگهي ٿو.**

## ڊگهي عرصي تائين هلندڙ صحت جا مسئلا

### تيل، جنمي / پيدائشي صحت جا مسئلا پيدا ڪري ٿو.

تيل يا گئس جي بخارن ۾ ساهه کڻڻ يا انهن سبب غليظ ٿيل ڪاڏوءِ پيتو واپرائڻ سان جنمي سرشتي جي صحت (reproductive health) جا مسئلا جهڙوڪ: بي قاعدي ماهواري اچڻ، ڇڪي اچڻ، مئل ٻار ڄمڻ ۽ ڄمندڙ ٻارڙن ۾ ڄائي ڄم جا نقص پيدا ٿين ٿا. اهڙن مسئلن جون چتائيندڙ اوائلي نشانيون جهڙوڪ: پيٽ جو سور يا بي قاعدي ماهواري به ٿي سگهن ٿيون (وڌيڪ معلومات لاءِ ڏسو باب 16)

### تيل ڪينسر پيدا ڪري ٿو

تيل يا گئس سان لاڳيتو لاڳاپي ۾ رهڻ سان ڪينسر ٿئي ٿي. تيل صاف ڪندڙ ڪارخانن پرسان رهندڙ ٻارڙن ۾ **رت جي ڪينسر** (ليوڪيما) ٿيڻ جا تمام گهڻا امڪان ٿين ٿا بنسبت انهن جي جيڪي اهڙن ڪارخانن کان پري رهن ٿا. تيل نڪرندڙن هنڌن جي ويجهو رهندڙن ماڻهن ۾ معدي، مثاني ۽ ڦڦڙن جي ڪينسر ٿيڻ جا وڌيڪ امڪان ٿين ٿا بنسبت انهن جي جيڪي اهڙن هنڌن تي نٿا رهن. تيل صاف ڪندڙ ڪارخانن ۾ ڪم ڪندڙ پورهيتن ۾ چپ، معدي، جيري، لبلبه، پيوندي اوجن/ تشوئن (connective)، پراسٽيٽ، اک، دماغ ۽ رت جي ڪينسر ٿيڻ جي تمام گهڻي خطري ۾ رهن ٿا (وڌيڪ معلومات لاءِ ڏسو ڪينسر باب 16).

جڏهن اڪوڊور ۾ ٽيڪساڪو (Texaco) ڪمپنيءَ تيل ڪڍڻ شروع ڪيو تڏهن ان علائقي جي ماڻهن کي ڪينسر جي خبر به نه هئي. جڏهن ته 40 سالن کانپوءِ اڄ اها ان علائقي جي صحت جو هڪ وڏي ۾ وڏو مسئلو آهي. اميزان جي اهڙن ٻن علائقن مان جتان وڏ ۾ وڏ تيل ڪڍيو ويو هو هيلٿ ورڪرن ڪي 80 وسندين جي جاچ پڙتال ڪرڻ سان خبر پئي تي اتي وڏ ۾ وڏ خاص طور تي معدي، مثاني ۽ وات جي ڪينسر موجود آهي.



# تيل جي پيداوار جو هر حصو هاڃيڪار ٿئي ٿو

تيل جي پيداوار جو هر پهلو صحت ۽ ماحول لاءِ ڪيئن نہ هاڃيڪار ٿئي ٿو انهن جي سمجهڻ سان، انهن لاءِ نهڪندڙ اپاءَ وٺي سگهجن ٿا.

## تيل جي ڳولها



جڏهن ڪمپنيون، تيل جي ڳولها ڪرڻ شروع ڪ تہ ٻيلا ناس ۽ گهر پٽ ڪري ڇڏين ٿيون. روڊ ر ٿيون ۽ نديون ۽ وهڪرا بند ڪيا وڃن ٿا. عام تي تيل ڪمپنيون، تيل جي ڳولها لاءِ لاڳيتہ ڌماڪا ڪري ڏسن ٿيون تہ زمين اندر ڇا ڇا موجود آهي. سائنسي لحاظ کان ان ڪم کي **سيسمڪ ٽيسٽنگ** (seismic testing) سڏجي ٿو. سيسمڪ ٽيسٽنگ سب گهر، جهنگلي جيوت ۽ زمين تباهہ ٿي وڃي ٿي.

ڪمپنين پاران تيل جي ڳولها شروع ڪرڻ کان برادرين جون تنظيمون، سرڪاري آفيسرن سان ملي پنهنجيءَ زمين تي اهڙي چڙهائي بند ڪرائي سگهن ٿيون. اين.جي.او ۽ تيل جي ڳولها سبب متاثر ٿيل برادرين جي تجربن مان سکي ان سبب وسنديءَ جي صحت کي پهچندڙ نقصان بابت ڄاڻ ڏئي سگهن ٿيون. جڏهن تہ کنهن بہ تيل ڪمپنيءَ کي اهڙي ڪم شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ اِي آءِ اَي جي رپورٽ پيش ڪرڻ گهرجي (ڏسو ضميو B). جيڪڏهن اِي آءِ اَي مان اهڙي رٿا، تباهي پيدا ڪندڙ ظاهر ٿيندي هجي تہ برادري اها بند ڪرڻ لاءِ چئي سگهي ٿي. ساڳي وقت تيل ڪمپنيءَ کي اِي آءِ اَي رٿا ۾ لازمي طور تي غلاظت اکلائڻ، زمين ۽ پاڻي بچائڻ ۽ حادثن جي حالت ۾ ويجهين برادرين کي کنهن محفوظ هنڌ تي پهچائي ان جو نعم البدل ڏيڻ جو بندوبست ڪرڻ گهرجي.

## تيل جا کوهہ کوٽڻ



تيل کي، زمين تائين پهچائڻ لاءِ تيل جا کوهہ کوٽيا وڃن ٿا. تيل جي کوٽائي دوران باهيون لڳي پون ٿيون، ڌماڪا ڪيا وڃن ٿا ۽ اهڙا حادثا بہ ٿي پون ٿا جيڪي پورهيتن ۽ وسندين لاءِ خطرناڪ ٿي سگهن ٿا. جڏهن تيل ڪِري يا هارجي پوي ٿو تہ جَر جي پاڻيءَ ۽ واهڙن کي غليظ ڪري تہ وڻ ٽڻن ۽ جانورن سميت شڪار جي ذريعن، مڇيءَ ۽ کيتن کي بہ ناس ڪري ڇڏي ٿو.

برادريون، تيل جي کوٽائي سبب پيدا ٿيندڙ اهڙي ڇيهي کي ڪئميرا، وڊيو رڪارڊنگ، ريڊيو رپورٽن يا ٻارڙن کي چئي انهن جون ڊرائنگ يا چٽ ڪڍرائي محفوظ ڪرائي سگهن ٿيون. برادريون اهڙا دستاويزي ثبوت شاهدي طور پيش ڪري تيل جي کوٽائي ۽ ماحول کي ٿيندڙ نقصان بند ڪرائي سگهن ٿيون، اِي آءِ اَي جا مقرر ڪيل معيار لاڳو ڪرائي سگهن ٿيون يا تيل ڪمپنيءَ خلاف قانوني ڪاروائي ڪري سگهن ٿيون.

## تيل الڳ ڪرڻ

زمين مان نڪرندڙ تيل ۾ گئس، ڳورا ڌاتو ۽ زهريلو پاڻي شامل ٿئي ٿو جنهن کي لازمي طور تي اهڙين شين کان الڳ ڪرڻو پوي ٿو.



عام طور تي زهريلي پاڻيءَ کي ڪنهن هنڌ ڪنو ڪرڻ غلاظت جو هڪ وڏي ۾ وڏو ڪارڻ ٿئي ٿو. خوشحال ملڪن جي قانون مطابق اهڙو زهريلو پاڻي واپس زمين ۾ موڪلڻو آهي ۽ نه کي مٿاڇري تي گڏ ڪرڻو آهي. اهڙو مثال هر هنڌ استعمال ٿيڻ گهرجي.

تيل جون ٻيون غلاظتون الڳ الڳ ڪري الڳ ڪنن تلائن جي صورت ۾ گڏ ڪيون وڃن ٿيون. جڏهن ته، تيل ڪمپنيون سواءِ هڪ وڏو کڏو کوٽي منجهس خام تيل، کوٽيل غلاظتون، زهريلو پاڻي ۽ ٻيو گندڪچرو اڇلائڻ جي ٻيو ڪجهه به نه ٿيون ڪن. ڪجهه وقت کانپوءِ اهڙا ڪنا تلاءَ جر جي پاڻي ۾ يا مٿاڇري تي وهڻ شروع ڪن ٿا جنهن سبب جر ۽ زمين غليظ ٿيندي رهي ٿي.

ڪنن تلائن کي ڪنڪريٽ جو پلستر ڪرڻ گهرجي ۽ لازمي طور تي ان جي سمڻ يا وهڻ کان هوشيار رهجي ۽ تيل جي کوٽائي پوري ٿيڻ کان اڳ صاف ڪرڻ گهرجي.

## گئس جا پڙڪا

گئس سان گڏ، جڏهن تيل به شامل هجي ته ان کي صاف ڪرڻ لاءِ عام طور تي ساڙي ختم ڪيو وڃي ٿو. گئس جا پڙڪا (flares) ڏسو ص. 511 کان 512) پورهيتن، وسندين، جهنگلي جيوت لاءِ هاڃيڪار هجڻ سميت اهڙي غلاظت پيدا ڪن ٿا جنهن سبب ڪينسر، چمڙيءَ جون بيماريون، دم، برنڪائيٽس ۽ صحت جا اڪيچار مسئلا پيدا ٿين ٿا. گئس جا پڙڪا ڪرن کي گندو ڪري ”ڪاري بارش“ وسائڻ جو ڪارڻ بڻجن ٿا جيڪا پاڻيءَ جي ذريعن کي زهريلو ڪري ڇڏي ٿو.



## نيئڻ ۽ گدامڻ



جڏهن تيل پائيپن، ٽرڪن ۽ جهازن رستي هڪ هنڌان ٻئي نيو وڃي ٿو تڏهن ان جي هار وير بہ ٿيندي رهي ٿي. ساڳي طرح سان ٽينڪن مان سمي بہ سگهي ٿو. تيل جي اهڙي هار وير سالن تائين مٽيءَ، جر جي پاڻيءَ، جيوت ۽ ماڻهن کي ڇيهو پهچائيندي رهي ٿي. تيل جي هار وير جي حالت ۾ برادرين کي تيل ڪمپنين کي چتائڻ گهرجي، اها بند ڪرڻ ۽ تڏي تي صاف ڪرڻ لاءِ چوڻ گهرجي (تيل جي هار وير روڪڻ ۽ صاف ڪرڻ لاءِ ڏسو ص. 514 کان 519).

ماحول تي پوندڙ اثرن جي ڇنڊڇاڻ (اي آءِ اَي) جي رپورٽ ۾ پائيپن جي جار وڇائڻ ۽ استعمال جون بہ رٿائون هجڻ گهرجن. توهان چاهيو تہ مقامي سطح تي برادرين کي منظم ڪري تيل ڪمپنين جي پائيپ لائين وڇائڻ جي جوکائتن طريقن جي مخالفت ڪري سگهو ٿا.

## تيل جي صفائي



تيل صاف ڪندڙ ڪارخانن ۾ تيل کي پيٽرول، ڊيزل، گرمي پيدا ڪندڙ ٻارڻ، ائسفالٽ، مَک طور ڪتب ايندڙ مختلف قسمن جي تيلن ۽ پلاسٽڪ ۾ الڳ الڳ ڪيو وڃي ٿو. تيل صاف ڪندڙ ڪارخانا پاڻي، هوا ۽ زمين ۾ زهريلو گند ڪچرو خارج ڪن ٿا. اهڙي غلاظت دم/ سهڪي، برنڪائيٽس، ڪينسر، جنمي مسئلا، دماغ جي غير رواجي واڌ ۽ ٻارن ۾ اعصابي سرشتي جا مسئلا پيدا ڪري ٿي تہ عالمي تپش جو بہ ڪارڻ بڻجي ٿي. (برادرين پاران تيل صاف ڪندڙ ڪارخانن جي هاڃن گهٽائڻ ۽ روڪڻ لاءِ ڏسو ص. 455 کان 458 ۽ 513)

## تيل ٻارڻ طور ساڙڻ



ڪارخانن ۽ موٽرگاڏين ۾ تيل ۽ گئس ساڙڻ سان مختلف قسمن جي غلاظت پيدا ٿئي ٿي. انهن مان پيدا ٿيندڙ هڪ غلاظت ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ گئس آهي جيڪا هوا مان گرمي جذب ڪندي رهي ٿي. اها عالمي تپش پيدا ڪندڙ گئسن مان هڪ مکيو گئس آهي. جنهن سبب ٻوڏون ۽ طوفان اچن ٿا، خشڪسالي ٿئي ٿي ۽ سمنڊ جي پاڻيءَ ۾ چاڙهہ پيدا ٿئي ٿو تہ فصلن، جانورن ۽ جيتن کي بہ متاثر ڪري ٿي جنهن سبب مليريا جهڙيون بيماريون نون هنڌن تائين پکڙجي وڃن ٿيون. پيٽرول پمپن/ گئس اسٽيشنن ۽ ڳتيل شهرن ۾ ماڻهو زهريلن بخارن ۾ واڪي ٿيڻ ڪري ڪينسر ۽ ٻين ڪيترين بيمارين ۾ مبتلا ٿي سگهن ٿا.

# گئس جا ڀڙڪا

جڏهن تيل سان گڏ، قدرتي گئس بہ لڀي ٿي تڏهن تيل ڪمپنيون اها گئس ساڙي تيل کي الڳ ڪن ٿيون. گئس ساڙڻ سان ايترا تہ وڏا ڀڙڪا (flares) پيدا ٿين ٿا جو آسمان ٻري پوي ٿو ۽ تمام وڏو ڀيانڪ گوڙ پيدا ٿئي ٿو. گئس جا ڀڙڪا خطرناڪ، غلاظتن سان ڀريل ۽ زبردست غلاظت پيدا ڪندڙ ٿين ٿا.

تيل ڪپمنيون اهڙي گئس ساڙڻ بجاءِ وڪرو بہ ڪري سگهن ٿيون پر ايئن ان سبب نٿيون ڪن جو اها ڪين وڏيڪ مهانگي ۽ ڏکي پوي ٿي جو دٻاءُ / پريشر سان گدامڻي پوي ٿي ۽ باهين لڳڻ ۽ ڌماڪن ٿيڻ جا خطرا وڏي وجن ٿا. ان بجاءِ ڪمپنيون اها سولائي سان ڀڙڪائي ڇڏين ٿيون جو ائين ڪرڻ گهٽ مهانگو پوين ٿو. جڏهن تہ ان سان ماڻهن ۽ ماحول کي وڌيڪ ڇيهو رسي ٿو.

## گئس ڀڙڪن پرسان صحت ۽ سلامتي متاثر ٿئي ٿي

گئس جو هر ڀڙڪو هوا کي غليظ ڪري ٿ
پيدا ڪري ٿو. جڏهن تہ ڪن قسمن جي
ڪڏهن ڪڏهن سلامتي جي خيال سان ڏ
سگهن جنهنکي **سيفٽي فليئرس** (lares
يا تيل جي **صفائي طور** (outine flares
وجن ٿا. اهڙي هر قسم جي ڀڙڪي جو مخ
طرح سان اپاءُ ورتو وڃي ٿو.



جيڪي گئس ڀڙڪا ڪنهن فرد جي قد کان وڏا ٿين ٿا اهي گهٽ هاڃيڪار ٿين ٿا.

جيڪي گئس ڀڙڪا ڪنهن فرد جي قد جيترا يا زمين جي سنوت سان ٿين ٿا گهڻا خطرناڪ ٿين ٿا.

### سيفٽي فليئر

جڏهن پائيپن ۾ تمام گهڻي گئس هجي
تڏهن دٻاءُ گهٽائڻ لاءِ سلامتي جي خيال
سان ڀڙڪا ڪيا وڃن ٿا. جيتوڻيڪ ايئر
سدائين نٿو ٿيندو رهي پر اها ڳالهہ انتها
هاڃيڪار ٿئي ٿي! **جيڪڏهن توهان
وسندي ۾ سيفٽي فليئر ٿيندي رهي ٿي تہ**
گهر ڪريو تہ ڪمپني ان بابت توهانکي
اڳواٽ آگاهہ ڪري. ڪمپنيءَ کي سدائين ويجهين
وسندين کي اهڙن ڀڙڪن ڪرڻ کان 24 ڪلاڪ اڳ ۾
آگاهہ ڪرڻ گهرجي.

**جڏهن بہ اهڙو ڪو ڀڙڪو ٿئي** تہ هر فرد کي ان کان جيترو پري ٿي سگهي اوترو پري رهڻ گهرجي. گهرن اندر رهجي ۽ در ۽ دريون بند ڪري ڇڏجن (اهڙين هنگامي حالتن ۾ ڇا ڪرڻ گهرجي انلاءِ ڏسو ص. 457).

### نيم سار ٿيندڙ ڀڙڪا

روزانو ڪيترن هنڌن تي گئس ڀڙڪائي وڃي ٿي جو اهڙو طريقو ڪمپنيءَ لاءِ سستو ٿئي ٿو. جيئن تہ اهڙو ڪم نيم سار ٿيندو رهي ٿو تهنڪري اهڙن ڀڙڪن پرسان رهندڙن لاءِ هميشہ بچاءَ جا اپاءُ وٺي سگهڻ ڏکيو ٿئي ٿو. جڏهن تہ اهڙن ڀڙڪن کان بچاءَ جو واحد اپاءُ ايئن نہ ڪرڻ آهي.

## پڙڪا بند بہ ڪرائي سگھجن ٿا!

دنيا ۾ وڌ ۾ وڌ بدتر پڙڪا اهي بہ ڪيترن سالن تائين نائجيريا جي، نائيجر ڊيلٽا (Niger Delta) ۾ ٿيندا رهيا. نائجيريا ۾ بين القوامي تيل ڪمپنين جي گئس پڙڪن سبب ڪيتريون جانيون ضايع ٿيون ۽ جيترو زهر خارج ٿي موسمي تبديلن ۽ عالمي تپش کي متاثر ڪيو آهي شايد ئي سب صحارا آفريڪا جي سيني ملڪن گڏجي ايترو هاجو پيدا ڪيو هوندو.

ان سلسلي ۾، نائجيريا جي، رورس اسٽيٽ جي ڪامريڊ چي ايبگوورا (Che Ibegwura) جو چوڻ آهي تہ، "اسان لاڳيتو ڪيترن سالن تائين گئس جي پڙڪن سان زندگيون گذاري ڇڏيون آهن. اسانجا ڪيت غليظ ڪيا ويا آهن، اسان سخت محنت ڪري پوکي ڪريون ٿا پر تمام گھٽ اپت ٿئي ٿي. اسانجي گھرن جون ڇتيون ڪاڇي ويون آهن. نہ رڳو ايترو پر اسان جيڪو مينهن جو پاڻي پيئون ٿا اهو بہ گئس پڙڪن جي ڪاريءَ دز سبب غليظ ٿيل ملي ٿو. اسان هاڻ وڌيڪ چوڙي نٿا سگھون."

ڪيترن سالن جي احتجاجن ۽ ڪوشش ڪانپوءِ سال 2005 ۾ نيم سار ٿيندڙ گئس پڙڪا غير قانوني قرار ڏئي بند ڪيا ويا. هڪ جج فتوي ڏني تہ، نائيجيريا ۾ موجود سيني تيل ڪمپنين کي هڪدم گئس پڙڪا بند ڪرڻ گھرجي جو ان سان صحت جا مسئلا پيدا ٿين ٿا ۽ صحت ۽ ماحول کي ڇيهو رسائي انساني حقن جي ڀيڪڙي ڪئي ويئي آهي.

**جيڪڏهن توهانجي ويجھڙ ۾ گئس پڙڪا ٿيندا رهن**

- گئس پڙڪن جي خطرن بابت پاڻ ۾ بحث ڪريو ۽ هڪ ڪميٽي ٺاهي ان ڪمپنيءَ ۽ سرڪار وٽ شڪايت داخل ڪريو. ساڳي وقت صحت سڌارڪن، صحافين ۽ اين.جي.او وارن سان بہ ڳالهايو.




- پنهنجي مهم جو هڪ رڪارڊ رکو. ماڻهن کي همٿايو تہ جڏهن جڏهن پڙڪا ۽ مسئلا پيدا ڪيا وڃن ٿا تہ هو انهن ڏينهن ۽ وقتن جو رڪارڊ رکن.
- پاڻ ۾ گڏجاڻيون ڪري اهڙيون ڳالهيون ٻين برادرين، صحافين ۽ سرڪاري عملدارن سان ونڊيو. ساڻن جيڪي ڳالهيون ٿين ٿيون انهن جو رڪارڊ رکو. آفيسر جيڪي ڪجھ چون ٿا اهو لکي ڇڏڻ يا فلم پرڻ سان ظاهر ٿيندو تہ توهان ان معاملي ۾ سنجيده آهيو. جڏهن تہ سڀ کان ضروري ڳالھ هيءَ آهي تہ ان معاملي تان هٿ نہ کڻو!

اهڙن عملن سان ممڪن آهي تہ هڪدم پڙڪا بند ٿي نہ سگھن. جڏهن تہ پڙڪن بند ڪرائڻ جي گڏيل مقصد جي ڪوشش ۾ برادري متحد ٿي ايتري سگھاري ٿي وڃي ٿي جو هر فرد جي هڪ ڊگھي عرصي تائين صحت بچائي سگھي ٿي.

# تيل صاف ڪرڻ جا ڪارخانا

تيل صاف ڪندڙن ڪارخانن ۾ خام تيل کي پيٽرول، ٻين قسمن جي ٻارڻن ۽ ائسفالٽ ۽ پلاسٽڪ جهڙن وڪرن ۾ مٽايو ويجي ٿو. تيل صاف ڪندڙ ڪارخانا انهن جي آسپاس ۾ رهندڙن ۽ اتي ڪم ڪندڙن لاءِ هوائي غلاظت پيدا ڪرڻ جو هڪ مکيه ذريعو ٿين ٿا. تيل ڪارخانا ۽ انهن جي چوگرد موجود ڪيميائي مادا ڪينسر پيدا ڪن، جنمي سرشتي کي ڇيهو رسائين، ساهه جا مسئلا جهڙوڪ: سهڪو ۽ ساهه جي لڪائي ۽ ڄائي ڄم جا نقص پيدا ڪرڻ سميت صحت جا ٻيا به ڪيترائي مسئلا جهڙوڪ: مٿي جو سور، اوڪارا، ڦيري ۽ ذهني دٻاءُ پيدا ڪن ٿا. تيل صاف ڪندڙ ڪارخانا، عالمي تپش پيدا ڪندڙ گئس جو مکيه ذريعو پڻ ٿين ٿا.

## تيل صاف ڪندڙ ڪارخانن کي سلامتيءَ وارو بڻائڻ



تيل صاف ڪندڙن ڪارخانن کي صحت جا اهڙا ڀيانڪ مسئلا پيدا نه ڪرڻ گهرجن. جيڪڏهن تيل ڪمپنيون، تيل سوڌڻ جي هر مرحلي تي حادثا، زهريلن گئسن ۽ پاڻيٺن روڪڻ جي هر ممڪن ڪوششون ڪن ته غلاظت کي روڪي سگهجي ٿو. جيڪڏهن توهان ۽ توهانجي برادري ڪنهن تيل صاف ڪندڙ ڪارخاني کي سلامتيءَ وارو بڻائڻ چاهي ٿي ته انلاءِ توهانکي هيٺين ڪن نڪتن ڏانهن سوچڻو پوندو:

**هوا جي غلاظت جي جاچ پڙتال** ڪندي رهڻ سان اڳوات مسئلن جي سڃاڻپ ۽ انهن جي پيدا ٿيڻ کان اپاءُ وٺي سگهجن ٿا. ان لاءِ تيل ڪمپنيءَ کي هوا جي چند چاڻ ڪرڻ ۽ ان آهر مسئلن کي هڪدم حل ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن تيل ڪمپني غلاظت جي جاچ پڙتال نٿي ڪري ته برادريون ڪري سگهن ٿيون (ڏسو ص. 455-457).

**گئس پڙڪائڻ** بجاءِ ٻيا سلامتيءَ وارا طريقا استعمال ڪري سگهجن ٿا جهڙوڪ: ساڳيون گئسون حاصل ڪري وري استعمال ڪرڻ (ڏسو ص. 511).

**ٽانڪيون** جن ۾ خام تيل، پيٽرول، ڊيزل ۽ اهڙو ٻيو مواد گڏ ڪيو ويجي ٿو جڏهن ڀريا، خالي ڪيا يا صاف ڪيا وڃن ٿا ته ورلي منجهائن زهريلا بخار خارج ٿين ٿا. اهڙن بخارن کي بهتر اوزارن ۽ طريقن سان ختم ڪري سگهجي ٿو. اهڙين ٽينڪن ۽ منجهن لڳل والن جي لازمي طور تي باقاعدي چڪاس ۽ مرمت ڪبي رهجي ته جيئن هوا ۽ جَر ۾ انهن جو سيمو ٿي نه سگهي.

**ٽينڪر ۽ جهاز يا ٻيڙا** جڏهن گئس ۽ تيل سان ڀريل هجن ته هوا ۾ بخار خارج ڪن ۽ پاڻي ۾ پاڻيٺون سِمائين ٿا تنهنڪري سدائين سلامتيءَ وارا طريقا استعمال ڪري زهريلن بخارن جي خارجڻ ۽ سمڻ کان بچائجي. ٽينڪرن جا ڪٽنا (hull) به يا ٽي هجڻ گهرجن ته جئين تيل وهڻ جو بچاءُ ٿي سگهي.

**گندي پاڻي** ۾ زهريلا ڪيميائي مادا ٿين ٿا ۽ اهي عام طور تي وهي يا سمي جر جي پاڻي تائين رسي وڃن ٿا. گندي پاڻيءَ جا سنجٽ جوڙيءَ ۽ انهن جي سنڀال ڪرڻ سان اهڙن مسئلن کان بچي سگهجي ٿو.

**گندو خام تيل** نه رڳو وڏيڪ غلاظت پيدا ڪري ٿو ته هوا ۽ پاڻي کي به ڪنو ڪري ڇڏي ٿو. خاص طور تي جيڪڏهن تيل جو اهڙو ڪارخانو تيل کي وڏيڪ صاف ڪرڻ لاءِ هنيو ويجي ٿو. جڏهن ته تيل کي سوڌڻ سان گهٽ غلاظت پيدا ٿئي ٿي.

# تيل جو وهي/هارجي پوڻ

جتي جتي تيل هجي ٿو اتي اتي وهي ٿو. پاڻيءَ جي جهازن ۽ ٽرڪن جا حادثا ٿين ٿا ۽ پائيپن ۾ سيمو ٿئي ٿو. اها تيل ڪمپنيءَ جي ذميواري ٿئي ٿي ته تيل جي هار وير جا اپاءَ وٺي ۽ جڏهن به ٿئي ته اها صاف ڪري ڇڏي.

چوڻي آهي ته، "پاڻي ۽ تيل ملي نٿا سگهن." پر جڏهن تيل، پاڻي ۾ هارجي پوي ٿو ته تيل جا زهريلا وکر پاڻيءَ سان ملي وڃن ٿا ۽ هڪ ڊگهي عرصي تائين باقي رهن ٿا. تيل جو گهاٽو حصو مٿاڇري تي پکڙجي هوا کي پاڻيءَ تائين رسڻ نٿو ڏئي. جنهن سبب پاڻي جا جانور ۽ ٻوٽا ساهه کڻي نٿا سگهن. جڏهن تيل پاڻي ۾ هارجي پوي ٿو ته رهجي ويل ڪيميائي مادن سبب اهڙو پاڻي پيئڻ لائق نٿو رهي پوءِ ڀلي ته منجهانئس اهڙو تيل ڪڍيو ڇو نه ويو هجي.

جڏهن زمين تي هارجي پوي ٿو ته اهڙيءَ مٽي ۾، هوا جي وهڻ کي روڪي انهن جاندارن کي ماري ڇڏي ٿو جيڪي مٽيءَ کي صحتمند رکڻ لاءِ ضروري ٿين ٿا. اهڙي ساڳي قسم جي ڳالهه تڏهن پڻ ٿئي ٿي جڏهن تيل اسانجي يا جانورن جي چمڙيءَ تي هارجي پوي ٿو. تيل، چمڙيءَ کي ڍڪي منجهس هوا جو گذر ٿيڻ نٿو ڏئي. ان ڪانسواءِ تيل جا زهريلا وکر چمڙي رستي جسم تائين رسي بيماري پيدا ڪن ٿا.

### ڇا تيل ۽ پاڻي پاڻ ۾ ملي سگهي ٿو؟

هن سرگرمي رستي ماڻهو تيل جي پاڻيءَ تي ٿيندڙ اثرن کي سمجهي سگهن ٿا.

**وقت:** ڏيڍ ڪلاڪ

**سامان:** شيشي جي برني، پاڻي ۽ بناسپتي تيل

1. برني کي پاڻيءَ سان ڀريو. منجهس 2 وڏا چمچا بناسپتي تيل جا وجهو. برنيءَ کي لوڏي تيل کي پاڻيءَ سان ملايو. هڪ ڪلاڪ لاءِ برني کي ڇڏي ڏيو.
2. موٽي اچي برني ڏسندو ته تيل جو گهڻو حصو مٿاڇري تي گڏ ٿيل هوندو. بناسپتي تيل هاڃيڪار نٿو ٿئي. جڏهن ته، برنيءَ کي هڪ اهڙي نديءَ جيان سمجهي سگهجي ٿو جنهن ۾ تيل وهندو رهي ٿو. پاڻ ۾ گڏجي تيل جي اهڙن ممڪن پيدا ٿيندڙ اثرن تي بحث ڪريو. سوچيو ته هڪ اهڙي ندي جنهن جي مٿاڇري تي تيل جو هڪ تهه آهي منجهس مڇي زنده رهڻ لاءِ ڪهڙا نه جتن ڪندي هوندي جڏهن ان جي هوا ۽ سج جي روشني بند ٿي ويئي هجي. اهو به سوچي ڏسو ته جڏهن پکي اهڙي پاڻي مان مڇي مارڻ چاهيندا هوندا تڏهن انهن جي ڪهڙي حالت ٿيندي هوندي.
3. هڪ چمچي سان مٿاڇري تان تيل ڪڍڻ جي ڪوشش ڪريو. جڏهن توهان وڌ ۾ وڌ تيل ڪڍي بس ڪريو ته پوءِ ڏسو ته ڇا اجان به پاڻي ۾ تيل ڦڙيون موجود ته ناهن اهو اهو تيل آهي جيڪو پاڻي جي تري ۾ ٻڏي وڃي ٿو. ان لاءِ اها پراڻي چوڻي ياد ڪريو ته " تيل ۽ پاڻي، پاڻ ۾ ملي نٿا سگهن." سڄي ٽوليءَ سان بحث ڪري ڏسو ته جڏهن تيل ۽ پاڻي، پاڻ ۾ ملي نٿا سگهن تڏهن ڇا ٿو ٿئي.



## تيل جي هارويہر صاف ڪرڻ




جڏهن بہ جنهن هنڌ پاڻيءَ يا زمين تي تيل هارجي ٿو تہ منجهس موجود ڪيميائي زهريلا مادا انسانن، جانورن، زمين ۽ پاڻيءَ کي زهر ڪري ڇڏين ٿا.

هاريل تيل جي صفائي ڪرڻ، ان تيل ڪمپن ٿئي ٿي جو اهي ڪنهن بہ قسم جي هار وي جون دعوائون ڪنديون رهن ٿيون. جڏهن ڪيترا بہ سٺا اوزار ۽ مشينون ڇو نہ هجن تي وير جي صفائي ڪرڻ گهڻي خطرناڪ ۽ ڏک ٿئي ٿي. اهڙين ڪيترين حالتن ۾ جڏهن ماڻهو تيل جي هار وير سبب متاثر ٿين ٿا تڏهن وٽن ان جي بچاءَ جو سامان نٿو هجي.

اهڙيءَ تيل ڪمپنيءَ کي تيل هارجڻ ڪانپوءِ جيترو جلد ممڪن ٿي سگهي صفائيءَ جو ڪم شروع ڪرڻ گهرجي. ڇو تہ، تيل جا زهريلا مادا پاڻيءَ ۽ مٽيءَ ۾ جذب ٿيڻ شروع ٿين ٿا ۽ مٿاڇري تان رڳو ڪاري ڇِڪ هٽائڻ سان هميشہ هاجي جو ذريعو ختم ڪري نٿو سگهجي (ڏسو ص. 514)

### تيل جي هارويہر صاف ڪرڻ ۾ پورهيت بيمار ٿي پون ٿا

1989 ۾ جڏهن تيل جو هڪ ٽينڪر، نالي ايڪسان (Exxon Valdez) الاسڪا جي سامونڊي ڪناري کان دور سڪيءَ تي چڙهي ويو هو تہ منجهائنس تيل جا ڪيترائي لکين گئلن پاڻيءَ ۾ هارجي ويا هيا. تيل جي هارجڻ سبب بيمشمار جانور ۽ پکي مري ويا ۽ اتان جي سڄي مقامي مڇيءَ جي صنعت تباهہ ٿي ويئي. تيل، اتي اهڙي تہ تباهي پيدا ڪئي جيڪا اڄ ڏينهن تائين ٿي رهي آهي.

ايڪسان ڪمپنيءَ تيل جي صفائي ڪرڻ ۽ جانورن بچائڻ لاءِ 10,000 مزدورن کي ڪم تي لڳايو. تيل صاف ڪرڻ ۽ ان کي وڌيڪ پکڙجڻ کان بچائڻ لاءِ بهترين قسم جو سامان استعمال ڪندي روزانو ڪيترن مهينن تائين 12 کان 16 ڪلاڪ ڪم ڪيو. پورهيتن کي ڪم دوران بچاءَ جون پوشاڪون پهريل هيون تہ جيئن تيل سندن چمڙيءَ سان لڳي نہ سگهي ۽ مکوٽا استعمال ٿي ڪيا تہ جيئن زهريلا بخار سندن ساهہ ۾ وڃي نہ سگهن.

روزانو ڪم تان لهڻ ڪانپوءِ پورهيت پنهجا برساتي ڪوٽ، بوٽ ۽ دستانا لاهي ڇڏيندا هيا. پورهيت پاٽڪي ۽ پنهنجي پوشاڪ کي ڪيميائي ڳارن سان صاف ڪندا هيا. ٻئي ڏينهن تي ساڳيون پوشاڪون پائي وري وڃي ڪم کي لڳندا هيا. پر بچاءَ جون پوشاڪون پائڻ باوجود ڪيترين پورهيتن کي کنگهہ، مٿي جي سور، ڦيريءَ ۽ نڪ وهندي رهڻ جي شڪايت ٿي پيئي. "رات جو ڪمرن ۾ هر ڪو کنگهندو رهندو هو ۽ ايئن لڳندو هو تہ اسان ڄڻ ڪنهن سلهہ جي وارڊ ۾ آهيون." هڪ پورهيت ٻڌائيندو هو. ڏهن سالن ڪانپوءِ ڪيترن پورهيتن جو يادگيرو ختم، ڦڦڙ تباهہ ۽ ڪينسر ٿي پيئي. انهن مان سوين مري ويا.

ايڪسان کي اهڙي نقصان سبب معاوضي پري ڏيڻ لاءِ دعوي داخل ڪئي ويئي. پر ايترن سالن گذرڻ ڪانپوءِ بہ ڪين پائي بہ نہ ڏني ويئي آهي.

## تيل هارجڻ جي حالت ۾ ڇا ڪرڻ گهرجي



ڪجھ مواد جهڙوڪ: سڪل گاھ، ڪاٺ جو ٻورو، پيپنل مڪئي جو سنگ، ڪنپ، مٽي، اُن ۽ واري تيل جذب ڪري سگهن ٿا.

جڏهن تيل هارجي پوي يا ڪنهن ٽئنڪ مان سمي پوي ته ان کي بند ڪري ا
جذب ڪري ڇڏجي. هڪ دفعي جي جذب ڪرڻ کانپوءِ اهڙو تيل ۽ اهو ماد
جذب ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو ويو آهي ان جو لازمي طور تي سلامتيءَ سان
ڪرڻ گهرجي جهڙوڪ: ڪنهن اهڙي ڪڏي ۾ پوري ڇڏجي جنهنکي ڪنڌ
جو استر ڏنل هجي ته جيئن ان رستي جر جو پاڻي غليظ ٿي نه سگهي.

ساڳيءَ طرح سان پاڻيءَ تي ٽيندڙ تيل جي هار وير کي به روڪي ۽ جذب ڪري سگهجي ٿو پر ايئن مخصوص سامان ڪانسواءِ ڪري سگهڻ ڏکيو ٿئي ٿو. ڪوبه فرد جيڪو اهڙي پاڻيءَ ۾ لهي، هاريل تيل صاف ڪري ٿو ته گهڻو بيمار ٿي پوي ٿو. پاڻي مان، باٽلين يا دٻن رستي تيل ڪڍڻ خطرناڪ ٿئي ٿو ته صحيح طرح سان ڪڍي به نٿو سگهجي. جڏهن ته گهربل اوزارن، سامان ۽ سکيا رستي پاڻيءَ مان تيل جي هار وير هيٺين طريقي سان صاف ڪري سگهجي ٿي.



تيل کي محدود رکڻ لاءِ هڪ قسم جو ترندڙ لوڙهو ڏنو ويجي ٿو جيڪو لنگرن يا ٻيڙين يا ڪناري تي ڪن شين سان ٻڌل هجي ٿو. ترندڙ لوڙهي ڏيڻ سان تيل، ٻين



اسڪمر (skimmer) مشين پاڻيءَ جي مٿاڇري تان هڪ نڙي رستي تيل ڍوهي گندتانڪيءَ ۾ گڏ ڪري ٿي.



پاڻي ۾ باقي رهجي ويل تيل ٻُوري، سينوري گاھ (peat moss)، ڪنپن يا مٽيءَ رستي جذب ڪيو ويجي ٿو.



مٿاڇري تان وڏ ۾ وڏ تيل ڍوهڻ، جذبڻ ۽ نيڪالڻ کانپوءِ جيڪو بچي ٿو انکي باهه ڏئي ساڙي ختم ڪيو ويجي ٿو. جنهن سان زهريلو دونهون پيدا ٿئي ٿو جيڪو پاڻيءَ ۾ تيل ڇڏي ڏيڻ کان بهتر ٿئي ٿو.

## جيڪڏهن توهان تيل جي هاروير صاف ڪريو ٿا ته پاڻ بچايو!

جيڪڏهن توهان يا توهانجي برادريءَ کي هاريل تيل صاف ڪرڻو پوي يا معاوضي تي ڪا تيل ڪمپني توهان کان تيل جي صفائي ڪرائي ٿي ته انلاءِ توهانکي هيٺين ڳالهين جي چڱي پر سڌ هجڻ گهرجي.

- تيل هميشه زهريلو ٿئي ٿو. انکي ڇهڻ يا سنگهڻ سان صحت جا گنڀير مسئلا پيدا ٿي سگهن ٿا (ڏسو ص. 506).
- تيل صاف ڪرڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ ڳاريندڙ مادا به زهريلا ٿين ٿا جن سبب پڻ صحت جا سنگين مسئلا پيدا ٿي سگهن ٿا.
- عام طور تي وڏي پريشر وارن پائيپن رستي تيل، ڦوهاري جي صورت ۾ ٽڪرين تان هٽائڻ سان تيل بخار (گئس) ٿي سولائيءَ سان ساهه ۾ وڃي سگهي ٿو. جنهن سبب نڙيءَ ۾ ڦڦڙن جون تڪليفون پيدا ٿي سگهن ٿيون.
- تيل هاريندڙ ۽ صفائي ڪرائيندڙ ڪمپنيءَ کي توهانکي بچاءَ جي پوشاڪ ڏيڻ گهرجي جنهن ۾ جسم ڍڪڻ سميت لباس، دستانا، بوٽ، صاف ساهه کڻائيندڙ اوزار/ رسپائريٽر، عينڪون ۽ مٿي ڍڪڻ جون شيون هجڻ گهرجن (ڏسو ضميمو. A)
- ڪنهن تيل سبب گندي پاڻيءَ ۾ ڊگهي وقت تائين يا ڳاريندڙ ڪيميائي مادن ۾ وائکي ٿيڻ سان صحت جا سنگين مسئلا پيدا ٿي سگهن ٿا. تنهڪري بهتر ٿئي ٿو ته ڪجهه ڪلاڪن جي ڪم ڪانپوءِ زهريلن بخارن کان پري وڃي وچ وچ ۾ ساهي پٽجي.

## هنگامي حالتن ۾ بچاءِ جو رٿون رٿڻ

جيڪڏهن توهان ڪنهن اهڙي هنڌ رهو ٿا جتي تيل جي کوٽائي يا صفائي ڪئي وڃي ٿي ته پنهنجي برادريءَ سان گڏجي هرهڪ جي صحت جي بچاءَ لاءِ هڪ رٿا تيار ڪيو ته جيئن ڦڙڪن يا هار وير جهڙين هنگامي حالتن کي منهن ڏئي سگهجي (اهڙي بچاءَ جي رٿا ۾ ڇا هجڻ گهرجي ان لاءِ ڏسو ص. 545).

### پنهنجي وسنديءَ جو نقشو ٺاهيو

بچاءَ جي رٿا جو هڪ پهلو اهو ڄاڻڻ به ٿئي ٿو ته ڪٿي اهڙا مسئلا پيدا ٿي سگهن ٿا ۽ اهڙا وسيلا ڪٿي موجود آهن جن رستي هنگامي حالتن ۾ اپاءَ وٺي ۽ بحال ٿي سگهجي ٿو. اهڙين حالتن ۾ وسنديءَ جي نقشي ڪيڙڻ سان سولائي ٿئي ٿي.

جتي توهان رهو ٿا اتي برادريءَ جي ٻين ماڻهن سان گڏجي ان هنڌ جو نقشو ڪيو جنهن ۾ تيل جي کوهن، کوٽجندڙ هنڌن، پائيپ لائينن، گندن کڏن، تيل صاف ڪندڙ ڪارخانن ۽ غلاظت پکيڙيندڙ ذريعن سميت اهي هنڌ جتان توهان پاڻي حاصل ڪريو ڪاڻو اپايو يا حاصل ڪريو ۽ جانور پاليو ۽ برادريءَ جا وسيلا حاصل ڪريو ٿا نشاندهي ڪريو.



ماضيءَ ۾ جتي جتي تيل جي هار وير، حادثا ۽ غلاظت ٿيندي رهي آهي انهن تي بحث ڪريو. انهن جا ڪهڙا اثر پيدا ٿيا؟ جتي توهان تيل جي هار وير جا اثر ڏٺا آهن ان جي نقشي تي نشاندهي ڪريو. توهان پنهنجن دستياب وسيلن جي هڪ وچور ۽ رٿا ٺاهيو ته هنگامي حالتن ۾ اهي ڪيئن استعمال ڪندو.

### پاڻ ۾ گڏجاڻي ڪريو ۽ پنهنجي رٿا ٺاهيو




## تيل سبب تباهه ٿيل زمين بحال ڪرڻ

تيل جي وهڻ سان زمين کي هڪ ڊگهي عرصي تائين سخت نقصان رسي ٿو. جيڪڏهن تيل صاف به ڪيو وڃي تڏهن به اهڙي زمين کي بحال ٿيڻ ۾ ڪيترائي سال لڳي وڃن ٿا. جڏهن ته اهو به ممڪن ٿي سگهي ٿو ته اهڙي زمين کي بحال ڪري وري زرخيز بڻائي سگهجي پر ان ۾ ڊگهو ڊگهو وقت لڳي وڃي ٿو (زمين جي بحاليءَ لاءِ وڌيڪ ڏسو باب 11 ص. 496).



## تيل جي هار وير صاف ڪرڻ جو هڪ نئون طريقو؟

جڏهن اميريڪا ۾ ڊيزل تيل هارجي پيو ته مختلف ڪمپنين کان پڇيو ويو ته هو ان جي صاف ڪرڻ لاءِ ڪهڙا طريقا اختيار ڪري سگهن ٿا. جنهن هنڌ تي تيل هاريو هيو ان هنڌ جي مٽي، ڍيرن جي صورت ۾ گڏ ڪري، هر ڪمپنيءَ کي هڪ ڍير ڏيئي اهو صاف ڪرڻ لاءِ چيو ويو.

هڪ ڪمپنيءَ جو ڪاڄرو کنڀين جي پوکڻ ۽ وڪڻڻ جو ننڍڙو ڪاروبار هلندڙ هيو. جيڪو ماڻهو اهڙو ڪاروبار هلائيندڙ هيو تنهن ٻيلن کي لڳل باهين ۽ قدرتي آفتن کانپوءِ اتي کنڀين کي ٿيندي ڏٺو هو. سندس ويساهه هيو ته، کنڀين ۾ تباهه ٿيل زمين کي سنوارڻ جي طاقت آهي. سندس ٽيم جي ماڻهن، ڪين تيل جي پريل مٽي جي اهڙي ڍير کي کنڀين (oyster mushrooms) جي پاڙن سان ڀري ڍڪي ڪجهه وقت لاءِ انتظار ڪيو.

6 هفتن کانپوءِ هنن جڏهن ڍير کولي ڏٺو ته ڪين هڪ حيران ڪندڙ ڳالهه ڏسڻ ۾ آئي. سڄي مٽي وڏين وڏين کنڀين سان، جن مان ڪي 30 سينٽي ميٽرن جيترين ثلهيون هيون ڍڪي پيون هيون. هنن کنڀين ۽ مٽي جي هڪ لئبارٽريءَ مان تپاس ڪرائي. کنڀين ۾ نه ته تيل يا تيل ۾ ٿيندڙ ڪنهن به زهريلي ڪيميائي وکر جو ڪو نشان موجود هيو. کنڀين مڪمل طرح سان مٽيءَ کي صاف ڪري ڇڏيو هو.

جڏهن ته اجان به هڪ دلچسپ ڳالهه ٿيءَ هئي ته اڳتي ڇا ٿيو. جڏهن کنڀيون رسجي تيار ٿيون ته مکين اچي منجهن آنا لاٿا جن مان ڪينئان ٿيا. ڪينئن ۽ کنڀين تي پکين ۽ ٻين ڪيترن ننڍڙن جانورن اچي پنهنجا پيٽ ڀريا. پکين ۽ جانورن رستي جتي جتي ٻج پهتا اتي ٻوٽن ڦٽڻ شروع ڪيو. ايئن مٽيءَ جو گندو ڍير زندگيءَ جي هڪ زرخيز باغيچي ۾ مٽجي ويو.

اهو طريقو هڪ تجربي طور استعمال ڪيو ويو هو جنهن جي ڪنهنکي به ڄاڻ نه هئي ته اهو هر قسم جي حالتن ۾ سيني هنڌن تي ڪامياب ٿي سگهندو. تنهنڪري اها ڳالهه جاچي ڏسڻ جي ضرورت محسوس ڪئي وڃي ٿي ته ڇا رڳو کنڀيون يا اهڙن ٻين به ڪيترن "قدرتي درمانن" رستي تيل جي صفائي ڪري سگهجي ٿي.

# ماحولياتي انصاف

ماڻهن لاءِ تيل سان مالامال وسندين ۽ علائقن ۾ پنهنجي صحت سنڀالڻ جو سڀني طريقن مان رڳو هڪڙو ئي طريقو موجود ۽ اهو اها پڪ ڪرڻي آهي ته، پلي ته تيل جا وسيلا ڪنهن جي به هٿ وس ڇونه هجن. انهن سان اهڙي طرح سان نيباهه ڪجي جنهن سان ماڻهن جي صحت کي ڪو ڇيهو نه پهچي ۽ اهي سندن لاءِ فائديمند ثابت ٿي سگهن. ڇاڪاڻ ته، تيل ايترو ملهائتو آهي جو جڻ ته وٽن ڪم ڪرڻ لاءِ جهجهي دولت موجود آهي.




**عورتن جو تيل جي ڳولها خلاف احتجاج**

نائجيريا جي، نائجر رور ڊيلٽا (Niger River Delta) ڪنهن دور ۾ هڪ زرخيز زمين هئي جتي مڇي ۽ جهنگلي جيوت جام ۽ فصل ڀلا ٿيندا هيا. جڏهن تيل ڪمپنيون پهريون ڀيرو ان علائقي ۾ آيون ته هنن سڀني کي معاشي فائدا ڏيڻ جو وچن ڪيو. پر 30 سالن کان وڌيڪ وقت گذرڻ ڪانپوءِ به ڪمپنيون پنهنجا واعدا پاڙي نه سگهيون آهن. ان سلسلي ۾ نائجيريا جي هڪ عورت ٻڌائي ٿي ته، "اسان رنجيل آهيون. ڇو ته سال 1970 کان جڏهن ڪمپنين وارا هتي آيا آهن تڏهن کان هنن اسانکي هر شئي لاءِ سڪايو آهي. اسانوٽ پنهنجن دريائن ۽ ڪاڙين جي غلاظت، ٻيلن ۽ تمر جي تباهي ۽ گئس ٻرڪن جي خطرناڪ گوڙ ڪانسواءِ ڏيکارڻ لاءِ ڪجهه به ناهي. اسانکي منجهائن ڪابه اميد ناهي. هو اسانکي خدا پاران مليل نعمتن مان اربين ڪمائي رهيا آهن. هو اسانجون آهون ۽ دانهون ٻڌڻ لاءِ تيار ناهن."

نائيجيريا جي عورتن پنهنجي علائقي جي هر قبيلي جي ماڻهن کي شامل ڪري هڪ پر امن مهم هلائي. عورتن گهر ڪئي ته، شيوران- ٽيڪساڪو (Chevron_Texaco) جيڪا ان علائقي ۾ ڪم ڪندڙ هڪ تيل ڪمپني آهي، ماڻهن کي نوڪريون، تعليم حاصل ڪرڻ، پاڻي ۽ بجلي جهڙيون سهولتون ڏئي ۽ وسنديءَ کي ترقي وٺرائي. ساڳي وقت تيل ڪمپنيءَ جيڪا به تباهي ڪئي آهي ان جو سچو معاوضو پڻ ڏئي.

شيوران- ٽيڪساڪو حڪومت کي چيو ته اهي مطالبا ڪندڙن کي سختي سان جواب ڏئي. پوليس ۽ فوجين ڳوڙها گئس استعمال ڪئي، عورتن کي ڪٽيو ۽ ايذايو. ڪيتريون زخمي ٿي پيون ته ڪي مري ويون. پر عورتن حوصلي، همت ۽ نواڻ سان جواب ڏنو. ڪن تيل ڪمپنيءَ جي هيڊڪواٽر جي تالابندي ڪئي ته ڪن تيل رواني ٿيندڙ مکيه ٽرمينل جو گهيرو ڪيو ته سوين عورتن وري نائيجر روڊ جي ڇئن اهڙين اسٽيشنن تي قبضو ڪيو جتان ڪمپني جهازن ۾ تيل پڻ موڪليندي هئي. عورتن جي ٽرمينل ۽ فلو اسٽيشن تي قبضي سبب شيوران- ٽيڪاسڪو کي روزانو 100,000 ڊالرن جو نقصان ٿي ٿيو.

نيٺ هڪ ڏينهن، تيل ڪمپنيءَ جا آفيسر جهڪي پيا. شيوران- ٽيڪساڪو ماڻهن کي نوڪريون ڏيڻ ۽ عورتن کي پنهنجي ليکي ننڍا ننڍا ڪاروبار ڪرڻ لاءِ ننڍين قرضن ڏيڻ جو پروگرام شروع ڪيو. ڳوٺن ۾ اسڪولن، اسپتالن، پاڻيءَ ۽ بجليءَ ڏيڻ جي سهولت جو اعلان ڪيو.

نائجيريا جي تيل ڪمپنين ۽ ساڻن ڀٽ رهندڙ حڪومتي حامين جي ڪنور عملن مان ظاهر ٿئي ٿو ته اهي پنهنجا مقصد ۽ مفاد حاصل ڪرڻ لاءِ ڪجهه به ڪري سگهن ٿا. جڏهن ته، نائجيريا جي عورتن سڄيءَ دنيا جي ماڻهن ۾ اهو اتساهه پيدا ڪيو آهي ته تيل ڪمپنين جي فائدن مان پنهنجو حصو حاصل ڪريو ۽ نه ڪي سور سهو نه ته هو تيل جي زور تي ٿيندڙ ترقي هميشه لاءِ بند ڪري ڇڏيندا.

# تيل ۽ قانون

دنيا جا ڪيترائي ملڪ ماڻهن، پاڻيءَ، جهنگلي جيوت کي غلاظت کان بچائڻ ۽ ڪم ڪرڻ جي حالتن کي سلامتيءَ وارو بڻائڻ لاءِ قانون جوڙين ٿا. جڏهن ته علاقائي ۽ بين الاقوامي قانون ۽ ناهه به موجود آهن جن رستي تيل ڪمپنين کي تيل جي هار وير لاءِ ذميوار سمجهو وڃي ٿو. پر اهي قانون تڏهن ئي اثرائتا ۽ ڪارائتا ٿين ٿا جڏهن ماڻهو مڙئي مٿ ٿي اها پڪ ڪن ته اهي نافذ ٿين ٿا. (بين الاقوامي قانونن بابت وڌيڪ ڏسو ضميمو. B).

ڪمپنيءَ کي ڪوتائي شروع ڪرڻ کان اڳ ۾ ماحول تي پوندڙ اثرن جي ڇنڊڇاڻ ڪري ان جي رپورٽ پيش ڪرڻ گهرجي ها. رپورٽ مطابق اها ڪمپني، تيل جي ڪنهن به قسم جي هار وير ٿيڻ جي حالتن ۾ قانوني طور تي ذميوار آهي. پاڻ ۾ ڳالهين رستي فيصلو ڪيو ته، توهانجي برادريءَ ان ڪمپنيءَ کي ڪنهن هنگامي حالت ۾ ڪٿين ذميوار قرار ڏيندي. مثال طور، ڇا توهان اها گهر ڪري سگهندو ته جيستائين ڪمپني، تيل جي هار وير جي صفائي نٿي ڪري تيستائين اها پائيپ لائين بند ڪري ڇڏي؟ ڇا اها ڪمپني برادريءَ جي ماڻهن کي پيئڻ جو صاف پاڻي مهيا ڪري يا علاج جو خرچ ۽ جائداد/ ملڪيت کي پهتل نقصان پڻ سگهي ٿي. (ماحول تي پوندڙ اثرن جي ڇنڊڇاڻ يا اِي آءِ اَي لاءِ وڌيڪ ڏسو ضمي مو. B).

## ٽيڪساڪو خلاف ڪيس

جڏهن ٽيڪساڪو ڪمپني اڪووڊور ۾ تيل جي کوٽائي ڪرڻ لاءِ پهتي ته اتي جي ڪوفان (Cofan) ماڻهن کي سڌ نه هئي ته اميريڪا جي اها ڪمپني سندن زندگي زهر ڪري ڇڏيندي. اها ڪمپني 20 سالن تائين تيل ۽ زهريلي پاڻيءَ جا لکين ڪروڙين لٽر ماحول ۾ اڇلائيندي رهي.

ڪوفان جا جيڪي دريا ڪيترن نسلن کان ماڻهن جي سهائتا ڪندا رهيا هيا اهي ڪاڏي جي اپت لاءِ بيڪار ٿي ويا. ماڻهن کي روزانو ڪلاڪن جا ڪلاڪ پيئڻ لاءِ پاڻيءَ ۽ پيٽ پرڻ لاءِ جانورن جي ڳولها ڪرڻي پوندي هئي. اهڙي تباهي سبب گهڻا ماڻهو اهو ترَ ئي ڇڏي ويا. ڪوفان جي اڳواڻن جو چوڻ آهي ته، ٽيڪساڪو سندن زندگيءَ جي روايتي طور طريقن کي تباهه ۽ هزارين ماڻهن لاءِ بيماريون پيدا ڪيون آهن. ايئن ڪوفان جي انساني آبادي 15000 مان گهٽجي وڃي 500 کي رسي.

ٽيڪساڪو ۾ غلاظت جي شڪار ماڻهن. 'فرنٽ فار د ڊفينس آف د اميزان' (Front for the Defense of the Amazon) نالي هڪ محاذ جوڙيو. گنڀير بيمارين ۾ چوڙيندڙن جي پرگهور لهڻ لاءِ هڪ طبي تنظيم قائم ڪئي. ٽيڪساڪو تيل سبب ماڻهن جي صحت تي پوندڙاثرن لاءِ هڪ اپياس منظم ڪرايو. گادي واري شهر ڪوئيٽو (Quito) ۾ ماحولياتي سرگرم ڪارڪنن ۽ اميريڪا ۾ وڪيلن سان ڳالهايو. ايئن انهن سيني گڏجي هڪ رٽ تيار ڪئي. اڳواڻن ۽ سرگرم ڪارڪنن پيرين پنڌ، هُڙهين ۽ جهازن رستي نيويارڪ سٽي پهچي ٽيڪساڪو ڪمپنيءَ خلاف اربين ڊالرن جي هرجاڻي جي دعوي درج ڪرائي.



ٽيڪساڪو ڪيس ختم ڪرائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي. ڪمپني دعوي ڪئي ته جيئن ته غلاظت اڪووڊور ۾ ٿي آهي تنهنڪري اهو ڪيس به ان ئي ملڪ ۾ هلڻ گهرجي پر ڪارڪنن کي خدشو هو ته اتي کين انصاف ملي نه سگهندو ۽ هنن ڪورٽ کي واضح ڪيو ته اميزان کي غليظ ڪرڻ جو فيصلو اميريڪا ۾ ڪيو ويو هو تنهنڪري اهو ڪيس به اميريڪا ۾ هلڻ گهرجي. ڪورٽ ڪيس هلائڻ جو فيصلو ڏنو. اهو پهريون پيرو هو جو هڪ بين الاقوامي ڪيس اميريڪا جي هڪ ڪورٽ ۾ هلائڻ لاءِ مڃيو ويو هو. ڪوفان جا اڳواڻ خوشي ۾ ڀڪڻ لڳا.

10 سالن تائين ٽيڪساڪو ڪيس خارج ڪرائڻ جي لاءِ هٿ پير هڻندي رهي. هڪ نئين جج اچي فيصلو ڪيو ته اهو ڪيس اڪووڊور ۾ هلڻ گهرجي پر جيئن ته اهڙي فتوي نه ڏني وئي آهي تنهنڪري نيويارڪ ۾ ٻيهر هلائي سگهجي ٿو. ڪيس اڃان ختم نه ٿيو آهي برساتي ٻيلي مان تيل ڪڍڻ سبب ماڻهو بيمارين ۾ چوڙي رهيا آهن. ٽيڪساڪو ڪارپوريشن کان حق حاصل ڪرڻ جي مسلسل جدوجهد ڪيترن ئي ماڻهن کي اهو سبق سيکاريو آهي ته، ٽيڪساڪو ۽ اهڙين ٻين تيل ڪمپنين کي تيل ڪڍڻ لاءِ سلامتي وارا طريقا استعمال ڪرڻ گهرجن ته جيئن تيل سبب تباهي ٿي نه سگهي.